# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXI مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXXI OF 2002
# سنڌ عام شقون (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH GENERAL CLAUSES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IV ۾ نئين دفعه 19_A جي شموليت

Insertion of new section 19_A in the West Pakistan Act IV of 1956

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXI مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXXI OF 2002
# سنڌ عام شقون (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH GENERAL CLAUSES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[18 سيپٽمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ عام شقون ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ عام شقون ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ عام شقون (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| commencement<br>1956 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ IV ۾ نئين دفعہ 19_A جي شموليت<br>Insertion of new section 19_A in the West Pakistan Act IV of 1956 | 2. سنڌ عام شقون ايڪٽ، 1956 ۾ دفعہ 19 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي، يعني:<br>"19_A. (قاعدا ۽ حڪم وغيره شايع ڪرايا ويندا). سمورا قاعدا، نوٽيفڪيشن، حڪم، ضابطا ۽ سرڪيولرس جيڪي جوڙيل قانون سان لاڳاپيل هجن يا ڪنهن بہ حڪم سان گڏ جاري ڪيا ويا هجن، اهي سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪيا ويندا.".<br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** |